ڊاڪٽر مشتاق علي لغاري

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ڪارائي سماج


***Abstract***

**Shah Abdul Latif and Sociology of Sea-Farers**

*Shah Latif is the poet of international stature. His poetry is much closer to the life and living patterns of poor and down trodden people.*

*In this paper, the Sociology, Economy and Living patterns of a famous tribe of Sea-Farers, the people who are dwelling on the banks of River as well as Ocean, has been depicted. The account of the life and the ways of earning, expending and living though in poverty, but at heart, they are bold, brave and happy in whatever the hard ways of life they linger on. Those conditions and patterns have been made more vivid, by quoting from the 'Surs' of Shah Latif, which have enhanced the beauty and elegance of the above tribe of Sea-farers.*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### .ٻهراڙيءَ وارو سماج:

ڪارائي سماج ٻهراڙيءَ واري سماج جو حصو آهي، جتي انسان قدرتي ماحول ۾ ڪم ڪري ٿو. تازي هوا، سج جي روشني، تبديل ٿيندڙ موسمي حالتون هن تي سڌو اثر انداز ٿين ٿيون. ”هو فطرت سان سڌو سنئون لاڳاپي ۾ هوندو آهي. جهڙوڪ مٽي، نباتات، حيوانات، پاڻي، درياهہ، سج، چنڊ، آسمان، هوا ۽ برسات وغيره.“(1) ٻهراڙيءَ واري سماج ۾ زراعت معاش جو اهم ذريعو آهي، جڏهن تہ ڪارائي سماج ۾ ماهيگيريءَ کي اهميت حاصل آهي. ڪاري ۾ اڪثر لوڪ ماهيگيريءَ سان لاڳاپيل آهن. هنن جي جياپي جو دارومدار پاڻيءَ تي آهي.

هتان جي سماجي روين ۾ گهر جي وڏي کي وڏيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي،

ساڳيءَ ريت ڳوٺ جي وڏي ۽ راڄ جي چڱي کي مان ڏنو ويجي ٿو. جيئن گهر جي وڏي کي وڏي عرصي تائين مال ملڪيت تي اختيار رهي ٿو، اهڙيءَ طرح سياسي ۽ سماجي مسئلن ۾ راڄ جي چڱي مڙس جي ڳالهه مڃي ويجي ٿي. سامونڊي پٽيءَ تي مهاڻا ۽ جت نسل صدين کان آباد آهن. هنن جو تعداد ٻين نسلن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. اهي لوڪ ڪڏهن هتي اچي آباد ٿيا. انهن جو قديم سامونڊي لوڪن سان ڪهڙو تعلق هو. اهڙن سوالن جي پيش نظر ڪارائي سماج جي ارتقا، مذهب ۽ ثقافت جون تبديليون، گذران جا ذريعا، جياپي جي جدوجهد، جنگيون جهيڙا ۽ وسندين جو قائم ٿيڻ ۽ برباد ٿيڻ، نين وسندين جو وجود ۾ اچڻ، لڏپلاڻ ۽ ٻين جاگرافيائي، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي.

## ڪارائي سماج جي اوسر:

هر سماج جي اوسر ڌار ڌار طريقي سان ٿئي ٿي ۽ انهن جون خوبيون ۽ خاصيتون به ڌار ڌار هجن ٿيون. مثال طور: سميري سماج فن ۽ لکت ۾ اڳتي نڪري ويو، يوناني سماج ڏاهپ، دانائي ۽ ادب ۾ دنيا جي رهنمائي ڪئي. مصري ڪيميڪل ۾ گوءِ ڪڍي ويا ۽ سنڌي سماج يا ان سان لاڳاپيل هندي سماج تهذيبي ۽ مذهبي سوچ ڏني. همعصر عربي سماج ۾ به مذهب کي نمايان حيثيت حاصل رهي. يورپي سماج جو هٿ بهرحال مٿاهون رهيو، جنهن هن سمورن سماجن کي سائنس جو تحفو ڏنو ۽ حضرت انسان کي ڪمال درجي تي پهچائي ڇڏيو. سماجي اٿل پٿل ۾ نسلن/جاتين جو اهم ڪردار رهيو آهي. سنڌي سماج ۾ بروهي، ماڇي يا مهاڻا جت،ٻيل ۽ ڪولهي اهڙيون جاتيون يا نسل هئا جيڪي ٻين زوراور نسلن جو مقابلو ڪندا، مرندا ماريندا، ڏکين حالتن کي منهن ڏيندا، پنهنجا پراڻا پڌ ڇڏيندا، نوان اجها اڏيندا پڪين وسندين تائين پهتا. انهن مان ڪي لڏائو زندگي گذاريندا رهيا، ڪن جبلن تي وسنديون قائم ڪيون ۽ ڪن سمونڊ تي حڪمراني ڪئي ۽ ڪنڌيءَ تي ڳوٺ ٻڌا. ڪارائي سماج جي اوسر به سامونڊي ڪناري تي پراڻين وسندين قائم ٿيڻ سان ٿي.

ڪارو انڊس ڊيلٽا جو اهم حصو آهي. "هي ڀاڱو ٺٽي ضلعي ۾ جاتي ۽ لاڏين کان چار ميل ڏکڻ طرف کان شروع ٿي ميرپور ساڪري ۽ گهوڙا ٻاڙي تعلقن تائين هلي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو، بدين ضلعي جو ڪڇ ياڳو پڻ هن حصي ۾ اچي وڃي ٿو، هن ياڳي ڪي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (الف) شاهه بندر سب ڊويزن وارو ڪارو، (ب) بدين سب ڊويزن وارو ڪارو (ت) ٺٽي سب ڊويزن وارو ڪارو.“(2) هن علائقي ۾ سامونڊي ڪارين جو چار وچايل آهي. جن جي ڪنڌين سان اڳي تمر جا گهاٽا ٻيلا هوندا هئا. هتي مهاڻن جون عارضي وسنديون به آهن ته ڪي پڪا ڳوٺ به موجود آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ هتي پڪيون وسنديون ۽ وڻج واپار جو اوج هو. شاهه جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته لطيف سائين هن علائقي جي سفر دوران مشاهدي ۾ آيل هر شي ڪي پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي.

## قديم وسنديون:

”جتوٽيڪ انڊس ڊيلٽا گهڻو موهيندڙ ته ڪو نه هو، جتي وڏا بندرگاهه هجن، پر چاڪاڻ ته اهو هڪ سکيو سهنجو ساموندي ڪنارو هو، ان ڪري اتي بندرگاهه موجود هئا، جيئن: پٽالا، ديبل، لاهري، شاهبندر، گهوڙا ٻاڙي ۽ ٻيا، جن جو ذرخيز آباد ۽ سکين ستابين وادين جيئن ميسوپوٽيما سان واپار هلندڙ هو.“(3) ”پٽالا حيدرآباد کان 33 ميل ڏکڻ اوپر طرف هو ۽ ڊيلٽا جي لهواري هيٺت مان اهو ٿو ڀانئجي ته باربيريڪو (Barbariko)، ڪروڪالا (Krokala)، سڪندر جو بندر (Haven Alexander) به ڪوهستان جي ڏاکڻين حد تي قائم هئا.“(4)

عرب دور ۾ ديبل جو گهڻو ذڪر اچي ٿو، جنهن لاءِ سنڌي عالمن جي مختلف راءِ آهي. ڊاڪٽر بلوچ ان ڪي ڀنڀور وٽ ٿو ڄاڻائي جڏهن ته ٻيا عالم ان ڪي ،موجوده ٺٽي يا پير پٺي تي قائم هئڻ ڄاڻائين ٿا. ”شاهبندر مرزا عيسيٰ ترخان 1555ع ۾ اڏايو.“(5)

مرزا قليچ بيگ جي راءِ مختلف آهي. هو لکي ٿو: ”غلام شاهه ڪلهوڙي ڏاراجا جي راجا ڪي قتل ڪرايو، هڪ نئون بندرگاهه اڏرائي ان تي شاهبندر نالو رکيو.“(6) هن بندر گاهه تي غلام شاهه ڪلهوڙي جا پندرهن جهاز بيٺل هوندا هئا. هي بندر واپاري اچ وڃ جي مرڪز هو، جنهن جو مسقط ۽ ٻين ملڪن سان واپار هلندڙ هو. هتي انگريزن هڪ فيڪٽري به قائم ڪئي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ان کان سواءِ ستورا، ڪامنا، ڪوريٽس، اروس، پاتار بندر، مينا ڳڙهه، منجا ٻاڙي، سنڌو بندر هي پراڻو شهر ۽ قديم بندر هو، اورنگا بندر اورنگزيب تعمير ڪرايو هو. هي مشهور واپاري بندر هو ۽ وڪر بندر هڪ اهم بندرگاهه هو. ڪاري سمونڊ تي مشهور پراڻيون وسنديون آباد هيون. پنيور لاءِ اهو رايو آهي ته، "هي پراڻو شهر هو جنهن تي يونانين باربيريڪان نالو رکيو."(7) "يوناني پنهنجي پاڙيسرين کي بارباراءِ (Barbaroi) يا باربيرينس (Barbarians) جي دلچسپ نالي سان سڏيندا هئا. ان ۾ ڪا ٽوڪ ڪا نه هئي، پر ان مان مراد اهي لوڪ هئا جيڪي يوناني ٻولي ڳالهائي نه ٿي سگهيا، پر اهي ٻوليون جن جي ٻڌڻ سان ڪين مونجهارو ٿئي يا نه سمجهي سگهن جيئن رڍن جي ٻي."(8) گمان غالب آهي ته سنڌين جي ٻولي نه سمجهڻ ڪري هنن هن علائقي کي بابيريڪو يا باربيريڪان جي نالي سان سڏيو هجي.

پنيور بابت هنري ڪزنس ۽ رچرڊ برٽن جا حوالا ڏيندي ڊاڪٽر الانا لکيو آهي: "هن قديم شهر کي مختلف ماهرن مختلف نالا ڏنا آهن. ڪزنس پنيور کي ديبل بندر جي بچاءَ لاءِ هڪ ننڍو بندر ليکي ٿو، جتي جهاز اچي بيهندا هئا، ۽ هتان سامان ٻيڙيءَ ۾ لاهي درياهه ۾ آڻيندا هئا، جتي محصول ورتو ويندو هو. هيگ ايليئٽ جي انهيءَ دعويٰ کي غلط ٿو سمجهي جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته، پنيور ڊيلٽا جو هڪ وڏو بندر بار بئريڪن هو. هيگ جو خيال آهي ته، بار بئريڪن شاهه بندر واري جاءِ جي ويجهو هو. برٽن به پنيور کي سڪندراعظم جو شهر بار بئريا يا باربئريڪا ٿو مڃي." (9) پنيور ڪاري جو اهم شهر هو، ان بابت شاهه لطيف جا لفظ پڙهو.

سُرهي منجهان ساٿ، آئي بوءِ پنيور کي،
بيتا بازارن ۾، لائي جت جبات،
سندي هوت حمات، ڪيچ پهتو قافلو.(10)

" لاڙي بندر به هڪ وڏو بندرگاهه هو، جتي عربستان ۽ ايران جا ماڻهو واپار سانگي ايندا هئا. هي سنڌ جي سامونڊي واپار جو مک مرڪز هو، جتي وڏا وڏا جهاز مال چاڙهڻ ۽ لاهڻ لاءِ اچي لنگر هڻندا هئا." (11) جاڪي بندر ڏاراجا جي ويجهو قديم بندرن مان هڪ آهي ۽ ڪارو ڪاري ذريعي هت پهچبو آهي.

"وڪر بندر مشهور شهر هو. ڌرتي ڌٻڻ ڪري تباهه ٿيو. ان جي جاءِ تي ڪيٽي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بندر جو شهر تعمير ٿيو.“(12)

انهن پراڻين وسندين ۾ لوڪن جو هڪ ٻئي پويان آباد ٿيڻ، ڦٽڻ، ٺهڻ، لڏپلاڻ، لاڳاپن، اچ وڃ، واپار، هنرمندي، ٻولي، سياسي ۽ اقتصادي حالتن جو اثر سماج تي پوڻ اڻ ٽرهو. ان دور واري سماج ۾ هر ۽ ٻيڙيءَ کي اهميت حاصل هئي. زراعت، مڇيءَ جو شڪار ۽ واپار آمدنيءَ جا اهم ذريعا هئا. موجوده ڪارائي سماج ۾ مڇي ۽ زراعت سان گڏوگڏ چوپائي مال ۽ تمر جي ماحول کي به وڏي اهميت حاصل آهي. ان ڪان سواءِ هتي جي انساني زندگي ۽ ٻي جيوت کي مٺي پاڻيءَ جي سخت گهرج هئي. هاڻوڪي دور ۾ پڪن جا گهر ٺاهي رهڻ جو رواج آهي. جيتوڻيڪ ڪنهن ڳوٺ يا پڪي وسنديءَ ۾ سيمينٽ جي بلاڪن مان جڙيل جاين جو رواج پئجي رهيو آهي. ڪاٺ جا گهر به آهن. (منگهن) بادگيرن واريون جايون، جيڪي اڳي عام هيون، هاڻي ختم ٿي رهيون آهن. ڪٿي ڪکاوان گهر ۽ ٿلها راڳيل نظر ايندا.

## تاريخي پس منظر:

نئين پٿر جي دور جي خاتمي تائين ڪوهستان سمونڊ جي مٿاڇري تي نڪري نروار ٿيو. برساتن پوڻ سان نئين زندگيءَ جي شروعات ٿي. نئيون، ڍورا ۽ چڪر وغيره وجود ۾ آيا. گل، ٻوٽا، گاهه ۽ وڻ ايري آيا. سڄي علائقي ۾ درياهه ۽ برسات جي ذريعي مٺو پاڻي گڏ ٿيو. چراگاهه وجود ۾ آيا. انهن ڳالهين انساني مخلوق کي سنڌ ڏانهن لڏڻ تي راغب ڪيو. ”ڪول، سنتال ۽ ٻئي ڪاري رنگ ۽ نسل جا ماڻهو دکن، سلون ۽ آسٽريليا ڪان سنڌ ۾ آيا، جڏهن ته آرين سميت اڇي رنگ ۽ نسل جا ماڻهو اتر ۽ اولهه ڪان سنڌ ۾ داخل ٿيا.“(13) اڳتي هلي انهن نسلن جي ماڻهن هن علائقي ۾ اچي مٿي ذڪر ڪيل وسنديون قائم ڪيون ۽ نئون سماج وجود ۾ آيو.

## تاريخي جائزو:

”ويدن مان رگويد جا اوائلي بيت مهراڻ جي ڪپ تي 1200 ق.م ڪان 1000 ق.م قلمبند ڪيا ويا. جڏهن آرين سنڌوءَ جي ميدان ۾ سرسوتي ۽ اٽڪ ڪان وٺي عربي سمنڊ تائين بيٺڪون وڌيون هيون.“(14) سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن دراوڙن سان هنن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جون سخت لڙايون ٿيون، نتيجي طور دراوڙ ڇڙوڇڙ ٿي ويا. انهن مان گهٽا ڪي ميد مهاٽا سنڌ جي ساموندي ڪنڌين تي وڃي رهيا، ڪي”ميد ايران ڏانهن هجرت ڪري ويا.“(15) ”800-600 ق.م هندستان ۽ بابل وچ ۾ ساموندي واپار وڌيو. اهو واپار دراوڙن جي هٿ ۾ هو، جيڪي شايد موجوده مهاڻن، ماڇين يا ٻين دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ سنڌين جا وڏا هئا.“(16) سنڌ جي ميدن، پرشين ۽ عرب سوداگرن ۽ ٻيڙائتن هٿان سنڌ ولائت جي خوشحالي، بهادري ۽ فطري سحر انگيزيءَ جي احوالن، عربن، پرشين ۽ يوناني حاڪمن کي سنڌ ولائت ۽ سنڌ جي مهراڻ بابت وڌيڪ خبرون چارون ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي خواهش وڌائي. ايران جي دارا اعظم، سيلاڪس نالي هڪ ماهر مير بحر کي مهراڻ جي سروي ڪرڻ لاءِ سنڌ روانو ڪيو، جنهن (518-516 ق.م) مهراڻ جو سروي ڪيو“. (17) ٻه صديون پوءِ جڏهن يونان طاقت جو مرڪز بڻيو ته نوجوان يوناني جنرل سڪندراعظم سنڌ تي ڪاهيو. هو لڳ ڀڳ ٽي سال سنڌ ۾ رهيو، هتي جي هنرمند مهاڻن کان ٻيڙا تيار ڪرايائين ۽ هڪ ڊِڪو تعمير ڪرايائين، آخر 326-325 ق.م هن واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو.

قبل مسيح دور ۾ سنڌي لوڪن زراعت سان گڏ سمنڊ تي ٻه قبضو ڄمايو. رگويد مان ان دور جي سماج جي ڄاڻ ملي ٿي. ان دور ۾ گهوڙن، پشم، ڪاٻار، ڳئون ۽ ڍڳي، ڪير، مکڻ، گيهه، ماکي، برسات، سون، هاٿي، هرڻ، مال جا ڌڻ، مٽي ۽ پٿرن جا بند، قلعا، ڍڳي گاڏي، ٻيڙيون ٺاهڻ، رڇ ٺاهڻ، ڪپڙو اڻڻ، زمين جي ماپ ڪڇ، گڏيل ڪٽنب، چوري، جوابازي، وياج خوري، پير ڪٽڻ، فيصلا ڪرڻ، ڏنڊ ڀرڻ، رڍن، ٻڪرين، گڏهن، چوگان بازي، ڪهاڙي، تيرڪمان، تلوار، واپار، لهرجي ڏوڻ، ڪنير جي آوي، ڄار، پنجوڙون، وانجهار، جانورن ۽ پکين جو شڪار، ماس خوري، ڍڳن جي قرباني، ٻولي، لباس، ياڇيون، ميوا، سوما ٻوٽي جو رس، قمار بازي، زالن جو نچڻ، ساز، دهل، سارنگي، بانسري، مرلي، ناد، عبادت، ديوتائن جي پوڄا، باهمي جنگين بابت اهم معلومات ملي ٿي.

سڪندر جي فوجن سنڌ ۾ سڀ ڪجهه تاراج ڪري ڇڏيو. صدين جي سفر کان پوءِ جڙيل سنڌي سماج ڀڃي ڀور ٿي پيو. معاشي بدحالي ۽ سياسي غلاميءَ مان نڪرڻ لاءِ ست صديون لڳي ويون. ان دوران سنڌ تي ڪشن، باختري، ساڪا،حن، پارٿين ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ساسانين جو دور رهيو. ٻاهران آيل يلغارن سنڌي لوڪن جي زندگيءَ تي نمايان اثر ڇڏيا ۽ آزاد سنڌي سماج هڪ غلامي واري سماج ۾ تبديل ٿي ويو. 499ع ۾ سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت قائم ٿي ته سنڌي سماج سک جو ساهه کنيو. راءِ کان پوءِ برهمڻ جي حڪومت قائم ٿي. هن دور ۾ سنڌي عوام جو ڌرم ٻڌمت هو. چچ برهمڻ هندو ڌرم کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي لوهاڻن ۽ جتن کي تڪليفون ڏنيون، پر هن جي مرڻ کان پوءِ سندس پاءُ چندر وري ٻڌ مت کي مدد ڏيڻ شروع ڪئي. سنڌين جي علم، هنر ۽ تهذيب بابت مولائي شيدائي لکي ٿو:"هن ۾ شڪ ناهي ته سنڌين جو رنگ سفيد فام قومن جي مقابلي ۾ سانورو هو، مگر الله تعاليٰ کين قديم قومن ۾ علم، حڪمت، هنر، تهذيب، اخلاق ۽ سياست جي ڪري فضيلت عطا ڪئي هئي. سنڌي نجومين جو چوڻ آهي ته زحل ۽ عطارد جي ڪري سندن عقل ۾ صفائي ۽ ذهن ۾ لطافت پيدا ٿي آهي. کين سڀني علمن ۾ يد طوليٰ نصيب ٿيو ۽ دنيا جون قومون سندن دانش ۽ فضيلت جو اعتراف ڪن ٿيون. سنڌ جا مٿيان علم عربن معرفت يورپ تائين پهتا. موجوده تهذيب جي تعمير ۾ سنڌين جو به حصو آهي."(18)

711ع ۾ سنڌي سمونڊ جي مشهور بندرگاهه ديبل بندر تي عربن جو قبضو ٿيو. ان کان پوءِ راجا ڏاهر جي شڪست سان عربن جي حڪومت قائم ٿي. 833ع کان پوءِ عربن جو زور گهٽ ٿيندو ويو. 1010ع تائين بهرحال عرب سڌي يا اڻ سڌي طرح سنڌ تي حڪمران رهيا. هن دور ۾ عربن جي تمدن جو سنڌ جي مذهب، زبان ۽ صنعت تي وڏو اثر پيو. عربن کان پوءِ غزنوي، غوري، غلام، خلجي ۽ تغلق حڪومتن جا حملا ٿيندا رهيا، پر اهي سنڌ ۾ پير ڄمائي ڪو نه سگهيا.

1010ع کان 1519ع تائين لڳ ڀڳ پنج صديون سنڌ تي سومرن ۽ سمن جي حڪمراني رهي. هي دور ساموندي سماج جي البت خوشحاليءَ جو دور رهيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جا اهم ڪردار مومل راڻو، سسئي پنهون، سورٺ راءِ ڏياچ، عمر مارئي، ليلان چنيسر، دودو چنيسر، مورڙو ۽ مانگر مڇ، موڪي متارا، نوري ڄام تماچي، ڄام جکرو، سپڙ ڄام هن دور جي پئداوار هئا. شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪارائي سماج جي جن جاتين جو ذڪر ملي ٿو، انهن ۾ مهاڻا يا ماڇي ۽ جت قابل ذڪر آهن. هتي شاهديءَ طور ڪجهه بيت قلمبند ڪجن ٿا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گھوريندي ُگھورِ پيا، اگھورُ گھوريائون،
ميڪر مارڻائون، ملاحن منهن سنرا. (19)

ميڪر يا مانگر مڇ (ظالم) کي وري ٻه ملاح (هيٺيون طبقو) ماري مڇائي ٿو. ڀٽائي صاحب حاڪم طبقي جي چند ڪردارن جي نشاندهي پڻ ڪئي آهي. هن جي اڳيان انهن ڪردارن جا ڪي سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي عمل واڪاڻ جوڳا هئا ۽ شاهه جي شاعريءَ ۾ انهن کي مناسب مقام ٻه حاصل ٿيو. مثال طور: راءِ ڏياچ جي سخا، عمر سومري جو صبر، راڻي سومري جو صبر ۽ تدبر، چنيسر جي نيٺ منٺ مجڻ ۽ ليلان سان پرچڻ ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم ڄام تماچي سمي جو غريب مهاڻن تان محصول معاف ڪرڻ وغيره. جت ٻروچن لاءِ ڀٽائي صاحب پهريان چيو:

ڪوءِ ٻولي، ٻن ٻروچ، گھوري ذات جتن جي،
مون کي چٽئي لوچ، پاڻ پيهي ويا ڇپرين.(20)

پر اڳتي هلي ٻروچن بابت سندس موقف ۾ تبديلي آئي، چئي ٿو:

ڀلي ڪري ٿيوم، هيءُ سڱ ٻاروچن سين،
وڃي ڪيچ ڏنوم، پنهيءَ لڳي جن جي.(21)

شايد شاهه عبداللطيف ڪارائي سماج جو اهو پراڻو اوج زوال پذير ٿيندي محسوس ڪيو، جنهن جي نشاندهي هن بيت مان ٿئي ٿي:

نه ڪا ٻوءِ بازار ۾، نه ڪا ڇلر ڇٽ،
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اگھٽ،
سي پڙ پسيو پٽ، ماڙهو وڃن موٽيا.(22)

ان کان سواءِ لاکوڦلاڻي، ڄام جکرو، ڄام ابڙو ۽ ڄام سپڙ کي ٻه شاهه جي شاعريءَ ۾ جاءِ ملي. سمن ڄامن بهرحال معاشري ۾ سماجي انصاف ۽ برابري قائم ڪرڻ جي عملي ڪوشش ڪئي. ڄام تماچي سمي مهاڻن مان ۽ ڄام نظام الدين سمي ماڇين (يعني هيٺين طبقي) مان شاديون ڪري اهڙا مثال قائم ڪيا. ڀنڀور جي تباهي کان پوءِ ٺٽو اهم شهر بڻجي ويو. سمن جي دور ۾ ان جي نئين سر اڏاوت ٿي. سمن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي ٺٽي جي سياسي ۽ اقتصادي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگھجي ٿو جو هر حاڪم يا حملا آور ٺٽي تي تسط قائم رکڻ لاء حيلا ۽ حربا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

استعمال ڪرڻ ۾ وسان ڪين ٿي گھٽايو. بدقسمتيءَ سان سنڌي معاشري جي سڪار وارو اهو دور قنڌاري ارغونن جي گھوڙن جي لٽ ۾ گم ٿي ويو. سنڌي معاشرو وري هڪ ڊگھي عرصي تائين ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي والار هيٺ اچي ويو. 1520ع کان 1700ع تائين اٽڪل ٻه صديون، سنڌي معاشري خصوصي طور ڪارائي سماج تي نهايت ئي گران گذريون. اهو سارو عرصوڌرتي ٻرندي رهي ۽ راتاها لڳندا رهيا. جنگين ۽ جهيڙن جو ڊگھو سلسلو جاري رهيو. نتيجي طور سياسي غير يقيني ۽ معاشي بدحالي ماڻهن کي بي حال ڪري ڇڏيو ۽ سنڌي معاشرو خاص طور ڪاري جو سماج ڪمزور ٿي ويو. ڏيگھ کان ٻچندي ٺٽي جي حوالي سان چند واقعن جي نشاندهي ڪندا هلون:

(i) ”شاهه بيگ ارغون 1520ع فتح جا نغارا وڄائيندو ٺٽي ۾ داخل ٿيو. شاهه بيگ جو لشڪر 11 محرم کان 20 محرم تائين ڦرلٽ ڪندو رهيو. هن هتي جي رهاڪن کي طرح طرح سان ذليل ڪيو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جي اهل وعيال کي قيد ڪيو.“(23)

(ii) ”ايتري قدر جو شهر ٺٽي ۾ پهچي شاهه حسن ارغون ايڏو ته قتل عام ڪيو جو حامله عورتن جي پيٽ مان ٻار ڪڍي نيزن جي نوڪن تي چاڙهيا، نالي ۾ ڪو مرد ملين ته ان کي ٻه تلوار سان ماري ٿي ڇڏيائون........ نه فقط شهر جو هي حال هو بلڪ سڄي ملڪ جي گذشته آبادي ۽ شادابي، تباهي و بربادي ۾ بدلجي وئي، ان ڏينهن هن ملڪ جي تاريخ، ’خرابي سنڌ‘ تعبير ٿي.“(24)

(iii) ”شاهه حسن ڪڇ ڏانهن پيش قدمي ڪئي. راءِ ڪنگهار سندس مقابلو ڪيو پر شڪست کاڌائين. مرزا جي لشڪر ڀهراڙين جو رخ ڪيو ۽ خوب قتل ۽ غارت جو بازار گرم ڪيائين. بي شمارُ ٺ، گھوڙا، مال ۽ ٻيو سامان مرزا جي فوجين کي هٿ آيو.“(25)

(iv) اعجازالحق قدوسي The Portuguese and India جو حوالو ڏيندي لکيو آهي: ”مرزا عيسيٰ جي مدد گھرڻ تي پورچوگيزن جو سمنڊ ذريعي 28 ٻيڙن ۾ سوار ست سو ماڻهن جو لشڪر پيدرو بريتور وليم جي سپاهه سالاريءَ ۾ ٺٽي پهتو..... مرزا پاڻ موجود ڪو نه هو. سندس پٽ انهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪي خرچ پکي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ان تي بريتو پنهنجي ماڻهن کي وٺي ٺٽي شهر ۾ داخل ٿيو ۽ ڪاوڙ ۾ اٺ هزار شهرين کي قتل ڪرائي ڇڏيو. اٽڪل ٻه ملين چانديءَ جي قيمت جو بهترين سازو سامان ساڙي ڇڏيو. گهڻو ئي سامان ٻيڙين ۾ ڀري ڪٽي ويو. هفتو کن رهي درياهه سنڌ جي ٻنهي ڪنارن جي آبادين کي تباهه ڪري ڇڏيو.“(26)

(v) مرزا باقي ارغونن مان جند ڇڏائڻ لاءِ انهن کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هنن کي خزاني ورهائڻ جي لالچ ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو. پنهنجا هٿيار بند لڪائي وهاريائين ۽ حڪم ڪيائين ته ڪو به ارغون جيئرو واپس نه وڃي، ”لڪل ماڻهن اهڙي زور سان ارغونن تي حملو ڪيو ۽ اهڙو قتل عام ڪيو جو هڪ به زنده ڪو نه بچيو. انهن جا سر وڍي ديوانخاني کان ٻاهر اڇلايائون. ارغونن جي حويلين ۾ وڃي خوب قتل عام ڪيو.“(27)

مرزا باقي جي ظلمن بابت تحفة الڪرام جا هي اکر پڙهو، ”ڪو به ڏينهن ڏاڙهي پٽڻ، نڪ ۽ ڪن ڪپڻ ۽ هاٿين جي پيرن ۾ ٻڌي گهٽين ۽ بازارين ۾ گهمائڻ جي سزائن کان خالي نه هوندو هو، جنهن ڪري ماڻهن جا هٿ آسمان ڏانهن کڄڻ لڳا ۽ قتيل دليون خدا کي ٻاڏائڻ لڳيون. اوچتو سندس پٽ شاهه رخ جي موت جي خبر آئي، تنهن تي محل جي زالن جي سٿڻن ۾ ٻليون وجهارائي، سندن ٻبا وڍرائي، گهٽين ۽ بازار ۾ گهمايائين، ڇو ته هنن منهنجو پٽ مونکان جدا ڪيو هو.“(28)

ترخانن جي خاتمي کان پوءِ سنڌ مغلن جي تسلط هيٺ اچي وئي. مغلن جي اڪبري دور کان وٺي محمد فرخ سير تائين 67 گورنرن ٺٽي تي حڪمراني ڪئي ان دوران مغل فوج جون لوڙهيون ۽ راتاها جاري رهيا. تاريخ مظهر شاهجهانيءَ ۾ ان دور جي تاريخ پڙهي لڳ ڪاندارجيو وڃن. هن دور ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن، ماڇين، ڏاريجن، سميجن، شورن، دلن، چانڊين، ٻاريچن، نومڙين، نوحاڻين، ٻبرن، جوکين، ڪلمتين، ٿيٻن، سارين، خاصخيلين، انڙن ته ڇا سڄي سنڌ جا ماڻهو ڏاڍ جو شڪار ٿيا.

شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جو جنم 1689-1690 ڌاري ٿيو. ان وقت دهليءَ ۾ اورنگزيب عالمگير جي حڪومت هئي ۽ زبردست خان ٺٽي جو صوبيدار هو. 1718ع ۾ ٺٽي جي نواب اعظم خان شاهه عنايت کي شهيد ڪرايو. جهوڪ واري جنگ ۾ ميان يار

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

محمد ڪلهوڙو بہ (مغل) شاهي فوج سان شريڪ هو.(29)

1719ع کان ميان نور محمد ڪلهوڙي جو دور شروع ٿيو. هي سنڌي سماج جي اٿل پٿل وارو دور هو. غلاميءَ جو ڳٽ اڃا ڳچي ۾ پيل هو. ميان صاحب مسند نشينيءَ کان پوءِ جيڪا عرضداشت دهلي دربار موڪليُ ان عبارت جو تاريخ سنڌ ۾ ڇپيل اردو ترجمو هن ريت آهي:

”موروثی غلام اپنے باپ کی جگہ فرمانبرداری کے لئے مستعد ہے۔ اطاعت و جاں سپاری کے واجبات پورے کر رہا ہے، احکام کی تعمیل میں کوشاں ہے، ایرانی سرحد کے قلعوں سبی و گنجابہ نیز دوسرے علاقوں اور سیوستان کے دروں کی نگہبانی کے فرائض ادا کر رہا ہے، تمام معاملات کا بندوبست پہلے سے بھی بہتر پیمانے پر پیش نظر ہے. “(30)

مٿي ذڪر ڪيل اندوهناڪ واقعن جو اثر سنڌي سماج تي پوڻ لازمي هو. نتيجو جيئن تہ ڪاري ڪي ويجهو هو ۽ نٽي ڪي جيئن تہ وڏيڪ اهميت حاصل هئي، ان ڪري ڪارائي سماج گهڻو متاثر ٿيو. اهڙي ڏکئي ماحول ۾ ڀٽائي صاحب ڪيئن سنڌي سماج جي رهنمائي ڪئي، اچو تہ ان تي هڪ نظر وجهون. انهن ٻن صدين جي دور تي تبصري لاءِ ڀٽائي جي هيءَ سٽ ڪافي آهي:

ڏانجهن تي ڏانجها، ڏنائون ڏکيءَ ڪي.(31)

ان جو ذميوار بہ هو پنهنجي سماج کي ٿو قرار ڏئي:

ليل نہ جاڳينءَ لک سينءَ، ستينءَ رات سڄي،
هتان هو تاڻين جون، ويون خرزينون ڪڃي.(32)

ان صورت حال کي منهن ڏيڻ لاءِ هو غفلت ڇڏي سندرو ٻڌڻ جي صلاح ٿو ڏئي. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي زبان جيئن تہ فارسي هئي، ان جو زور وڌندو ويو. فارسي علم ادب وڏي ترقي ڪئي. خاص طور شاعريءَ گهڻي ترقي ڪئي. ايران ۽ هندستان کان وڏا وڏا شاعر مشاعرن ۾ شرڪت لاءِ سنڌ آيا. سنڌ جي شاعرن بہ فارسي ڪلام چوڻ شروع ڪيو. اهي سڀ واقعا ۽ حالتون ڀٽائي صاحب جي پيش نظر هئا. پوءِ بہ هو چئي ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي فارسي سکيو، گولو، توءِ غلام.(33)

انهن ڏکين ۽ ناسازگار حالتن جي هوندي بہ سنڌي سماج پساهہ کڻندو رهيو ۽ اعليٰ اخلاقي ۽ سماجي قدرن، معاشرتي ۽ مذهبي رواداري، ثقافتي سرگرمين، واپار، هنرمندي ۽ معاشي جدوجهد کي برقرار رکيو:

ڪاري ڪيڙائو، متي مني موتيا،
سودو ڪن نہ سون جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طامائو،
سامونڊي سائو، لنڪا لوپي آئيا.(34)

**هنرمندي ۽ واپار:**

ڪاري جي سماج ۾ ٻيڙيءَ ۽ غوراب کي وڏي اهميت حاصل هئي، جنهن سان هتي جو ماڻهو مڇي جو شڪار ڪندو هو ۽ بهترين سگهارا رڇ ٺاهيندو هو ۽ وڏا مظبوط جهاز جوڙي سوداگريءَ لاءِ سامونڊي سفر تي بہ نڪرندو هو. ماهر هنرمند موجود هئا:

جوڙي ٻُنگ جهاز کي، ڪوڏ هٽائج ڪِيرَ.(35)

ڪاروڪيڙي اولهہ توڙي ڏور اوڀر سوداگريءَ لاءِ ويندا هئا:

قرقل، قوتا، پارچا، پاٽيت پاتائون،
ڪوٽيون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪيائون. (36)

لقا لڪا ڪن، لاءِ لقا جي ُهرئا،
پسي سون لڪاءَ جو، سُک نہ سامونڊين،
پره پڳه چوڙيا، ڪاري ڪيڙائن،
آئون جهليندي ڪيترو، آيل سامونڊين،
وڏي ڀاڳ ڀرن، جي ڪهيا ڪارونيار ڏي.(37)

ڀٽائي صاحب جي ڪلام جي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ هتي جا ماڻهو (ٽوپا)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پاتار ۾ پيهي ماڻڪ ميڙڻ، سپون سوجهي ڪڍڻ ۽ سچا موتي ڳولي اچڻ ۾ به ماهر هئا. سون، گرم مصالحي ۽ ڪپڙي وغيره جي واپار لاءِ هو هندستان، سريلنڪا، جاوا ۽ انڊونيشيا جي ٻين ٻيٽن تائين ويندا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب Advent of Islam in Indonesia ۾ سنڌي سوداگرن جي انهن ملڪن ۾ وڃي اسلام پکيڙڻ جو ذڪر ڪيو آهي. شاهه عبداللطيف جي دور ۾ ڪاري جي علائقي ۾ هر قسم جو واپار هلندڙ هو، جنهن ۾ لونگ، ڦوٽا، ڪپڙا، آبدار موتي، سون ۽ چاندي وغيره شامل هئا. اهو واپار شاهوڪار سوداگرن جي هٿ ۾ هو. جهاز رانيءَ جي صنعت عروج تي هئي. جنگي جهاج جوڙيا ٿي ويا. مهاڻا مير ڪامل ڪشتيبان هئا. قابل جوهري موجود هئا. ٽوٻا سمنڊ ۾ ٽبيون هڻي پاتار ۾ پيهي املهه ماڻڪ موتي ميڙي ايندا هئا. بندرگاهن تي ٻيڙين جي مرمت لاءِ قابل واڍا موجود هئا. سڙهه سبڻ وارا موجود هئا. معاشري ۾ چور چڪار به موجود هئا. لهار به موجود هئا، جيڪي ڪل، ڪڙا ۽ لنگر وغيره جوڙيندا هئا. پگهه (نوڙيون ۽ رسا) وٽڻ وارا موجود هئا. ڪنيار موجود هئا. جيڪي ٿانو ٺاهيندا هئا. جتيون کسا وغيره ٺاهڻ ۽ مرمت ڪرڻ وارا موچي موجود هئا، ڪلئيگر، جنڊوهڙ وغيره موجود هئا. باسون باسڻ، اڪا ڏيڻ، ڏيئا موهڻ، سينگار ڪرڻ، خوشيون ۽ غميون ملهائڻ ۽ ٻيون ريتون رسمون به موجود هيون. آتڻ، ائٽ ۽ آڏاٽا موجود هئا. ڪپڙي جي صنعت جو اوج هو. هنر مند ڪوري سنو سٽ ڪتائي بهترين ڪپڙو اڻندا هئا. ڪنيار قسمين قسمين ٿانو جوڙيندا هئا.

چمڪيون چوڏار، ڏچون ڏاڙيچن جيون،
ماءِ! سامونڊي آئيا، سهسين ڪري سينگار،
انين جي پچار، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري.(38)

سر گهاتو ۾ مورڙي مانگر مڇ جو احوال ڏنل آهي. ”ان وقت لهارن جيڪو ڪمال ڪاريگريءَ جو مثال قائم ڪيو غور طلب آهي. اهو واقعو راجا دلوراءِ جي زماني ۾ ٿيو. تاريخ طاهري مطابق دلو راءِ هڪ ظالم راجا هو.“(39) جڏهن ته نئي ۾ سگهڙن جي هڪ ڪچهري دوران فقير عبدالله مسڻ مورڙي بابت ڪي بيت اهو چئي پڙهيا ته اهي پٽائيءَ جا اڻ ڇپيل بيت آهن. جن مان دلو راءِ جي دليري، همدردي، ڏاهپ ۽ انصاف پسنديءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا. انهن مان به بيت هيٺ ڏجن ٿا:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماڙيءَ چڙهيو مورڙو، ڏئي دلوءَ در دانهن،
تہ متارا مري ويا، جي ٻيلي هئا ٻانهن،
تيلاهين آءٌ، تو در آيس تڪڙو!

ماڙيءَ چڙهيو مورڙو، ڏئي دلوراءِ کي دانهن،
تہ شڪاري چڙهي ويا، ڪالهہ ڪلاچيءَ ڏانهن،
جو گهڙي سو نانهن، ڪو جو ڪوڪٽ ڪن ۾.

ٻہ ٻيا بيت بہ هيٺ ڏجن ٿا، جنهن سان ان دور جي ڪارائي سماج جي جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي:

ماڙيءَ چڙهيو مورڙو، ڏنيون پاڇيون،
نڪي نٿون نڪ ۾، نہ ڪلهن ڪر ٻاهيون،
ههڙيون ملهايون، ولهيون ٿيون ورن ريءَ.

گهاتن جي گهرن ۾، ٻهون آهي ٻاڪار،
چورڙيون چتن ۾، وجهن ٻڪ ٻهار،
ڪو تن جي لهي سار، جي ورن ريءَ ولهيون ٿيون.

روايت فقير عبدالله مسڻ نئون:

”مورڙي جي استدعا تي، راجا دلوراءِ هڪ لوهي پڃرو ٺهرايو، جنهن ۾ لهارن ڪاريگريءَ سان ڪات وغيره جڙيا. پڃرو مورڙي جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو ڪٽي هو ڪن ۾ داخل ٿيو ۽ مڇ کي ماريائين. ان ڪان علاوه صراف هنرمند چانديءَ ۽ سون جا سجاڳندڙ ۽ پارس جا پارکو بہ ان سماج ۾ موجود هئا.“

## ڪتابت ۽ طبابت:

عام سنڌي سماج ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ ڪتابت جو رواج هو. ٺٽو تہ علم جو مرڪز هو. ڪاري جا ٻيا شهر، جهڙوڪ: ڀنڀور ۽ شاهہ بندر بہ علم کان وانجهيل ڪونہ هئا. وڻجارن جو واپارءِ ڪنڌا بنا لکت ڪونہ هلندا هئا ۽ اهڙي حڪمت جا ماهر طبيب بہ ان

دور ۾ موجود هئا:

اگهائي سگها ٿيا، جي ويٺا وٽ ويڄن،
ترسي طبيبن، چيٺي هوند چڱا ڪيا.(40)

## مالوندي:

هنرمندي، واپار ۽ مڇيءَ جي ڌنڌي سان گڏ مالوندي بہ ڪارائي لوڪن جي گذران جو ذريعو رهي آهي. سڄي سنڌ وانگر انڊس ڊيلٽا جي علائقي ۾درياهہ جي ڪنڌين سان ڪڇي ۾ مينهن جا ڌڻ ڌاري رهڻ جو رواج هو. ڀٽائي صاحب انهن کي دعائون ٿو ڏئي.

مينهن جو پاٽي تري ٻيٽن تي چاهڪ چرڻ جو ذڪر ۽ وٿاڻن، وڇن، پينگهن، سنپارن، چڙن، لارن ۽ ڪرڪين جا احوال ڏيئي شاهہ سائين ان دور جي مالونديءَ جي تصوير ڪشي آهي. ڪيٽي بندر کان وٺي ڪوري ڪريڪ تائين ساموندي ڪنڌيءَ سان آباديءَ جي اڪثريت جت ۽ مهاڻن قبيلن جي آهي. اهي هتي صدين کان رهندا اچن. مهاڻن جو گذران مڇ تي آهي، جڏهن تہ جت مڇي ۽ زراعت سان گڏ مالونديءَ ۾ بہ دلچسپي رکن. ڪاري ۾ڪ گهٽو ڌارجي. تمر جا وڻ، چار ۽ لاٽو ڪاري ۾ گهڻو ٿئي. اٺ بہ انهن کي چاهہ سان کائين. پوٺن تي چڙواڳ اٺن جا واڳ چرندي ڏسبا. اهو سلسلو صدين کان هلندو اچي. هتي مينهن، ڳئون، ٻڪرين ۽ رڍن پالڻ جو بہ رواج آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا J.W. Smyth جو حوالو ڏيندي لکيو آهي: ”ڪاري جي علائقي ۾ ستاهہ چوڙ ڪان وٺي سمنڊ تائين لئين جا جهنگ آهن. چاڪاڻ تہ اهو حصو ٽن چئن ميلن تائين ويرين جي اثر هيٺ اچي ويندو آهي. جنهن ڪري هتي گاهہ جام ٿيندو آهي، جنهن تي مينهن جا ڌڻ ڏسبا آهن.“ (41) اهڙي طرح سر ڪنيات ۾ لئن بابت ڪمال جا بيت موجود آهن:

ڳل ڳانا ياقوت جا، موتين ڳتيس مهار،
چانگا چندن چاريئن، انئي پهر اپار،
سنديءَ پيءَ پچار، جي مون رات رساٽيين.(42)

رڍون، ٻڪريون، ايون ۽ اوريون بہ ڀٽائيءَ جي ڪلام جو موضوع بڻيون.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## معاشرتي رواداري:

شاهہ جي مطالعي مان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ ان دور ۾ معاشرو ڪي قدر آزاد هو. مومل جي ڪاڪ ۽ ان ڪان پوءِ موڪيءَ جو ماڳ ان جا مثال آهن. جاتيءَ ڀرسان مومل جي ماڙيءَ جا آثار ۽ ڪراچيءَ ڀرسان ديهہ موڪي اڄ بہ موجود آهي.

جاتي ڪاتي محبوبن، جي آهِ حسن جي هاڪ (43)

شاهہ جي ڪلام ۾ عاشق معشوق، راڳ ۽ رنگ، سازوسرود، ڪلاڙڪا هٽ، موڪيءَ جو منڌ، ڪاڪ جا ڪاپڙي ۽ مومل جي مانڍاڻ جو تذڪرو ان آزاد معاشري جا چند مثال آهن. هيءَ سٽ پڙهو:

راڻو مٽان تن، اوچتوئي آئيو!

(روايت: فقير عبدالله مسڻ، ٺٽو)

## منهن منهاندا:

ڪاري ۾ اڪثريت مهاڻن جي آهي، جيڪي ڪارا ڪوجها، ايرا ۽ اگلڙا لڳندا آهن، پر ارڪاڻن ۾ امير آهن. سياءُ مانيٽو هئڻ جي باوجود گارگند زبان زد عام آهي. ”ساموندي ساحل ۽ ڪڇ جي رڻ جي لڳ رهندڙ جت، چانديا، ٻارڻ، نهڙيا ۽ منڊرا ڳاڙها ڳٽا ۽ رشٽ پٽ نظر ايندا آهن. ڪاري ۽ ڪس واري ايراضيءَ ۾ رهندڙ عورتون توڙي ڪڇ جي رڻ واري سرحد تي رهندڙ عورتون سهٽي ۽ سڊول جسم واريون هونديون آهن، البتہ مهاڻيون رنگ جون ڪاريون هونديون آهن.“ (44) هار سينگار جو شوق بہ رکن. اڳي هن علائقي ۾ ڪاج جي ٻاهين بہ پاتي ويندي هئي.

مهاڻن جو لباس عام طور سلوار قميص آهي. زالون گربي يا مونڙي واريون سلوارون ۽ سائي ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ وارا ڪپڙا پهرين. ڇيٽ جون گنديون ڊڪين. ٻروچ ۽ جت نسل جون عورتون ڪاري يا ڳاڙهي ڪپڙي جو گهگهو ڊڪين ۽ ڪاريون يا ڳاڙهيون ٻانڊڙيون ڊڪين. ”ڪاري جا جت، خاص ڪري اوٺار اڪثر ڪري ڪاري صدري چيلهہ تائين ڊگهي ۽ ڪرائيءَ تائين ٻانهن سان پائين، اهي ماٺهو سٿڻون ڪونہ پائين، پر انهن جي بدران لانگ ڊڪين، جنهن جو پلاند هڪ طرف وڏائي ڇڏيندا آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مٿي تي ڪارو يا اڇو پٽڪو ٻڌن. ڪيٽي بندر ۽ ڪاري ڇاڻ جا ٻيڙائتا ۽ ڏنار سڄو ڏينهن پاڻي ۾ اچ وڃ ڪرڻ سبب سٿڻن بدران لنگ استعمال ڪن.“ (45)

**خوراڪ ۽ پوشاڪ:**

مڇي ۽ ڳاڙها چانور ڪارائي لوڪن جي خاص خوراڪ آهي. سياري ۾ روهاڪي پڪي ڦاسائي، ان جو گوشت ڪاڏو ويندو آهي. غريب ماڻهو ڪنگڻيءَ جو ڏارو ۽ ڍنڍ مڇي ڪائي قوت ڪندا آهن اڄڪلهه چانهه ۽ پان جو گهڻو رواج آهي. لطيف سائين جي دور ۾ پڻ پان جو رواج هو. ڪارائي لوڪ چانورن جي ماني پسند ڪندا آهن جت اٿين جو کير واپرائين.

جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون.(46)

شاهه عبداللطيف جي دور (1689-1752) کان اڳ ڪاري جو سماج سڌريل سماج هو. ڪل ملائي ڏٺو وڃي ته جنهن اعليٰ ڪارائي سڌريل سماج جي تصوير ڪشي ڀٽائي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪئي آهي، اهو سندس ئي دور (1689-1752) ۾ زوال پذير ٿيڻ لڳو هو. مثال طور:

پاٽيت جي پرڪٽا، ويا سي وينجهار.(47)

تريون پسان نه تار ۾، ڄهڳا جاءِ نه ڪن،
مادر! ملاحن، ماڳ نه ڊويا مڪڙا.(48)

نه سي تڙ هوڙاڪ، نه وايون وڻجارن جون.(49)

سر اهي ئي اڳيان، پکي ٻيا ٻيا.(50)

وڏا بندر گاهه ڦٽي چڪا هئا. قديم وسنديون ويران ٿي ويون هيون. واپار ۽ سوداگري گهٽجي رهي هئي. سياسي غير يقيني، سماجي اٿل پٿل ۽ معاشي بدحاليءَ جا اگرا اثر نمايان هئا. تنهن هوندي به سماج جي رهبري لاءِ شاهه صاحب جون هي سٽون وڏي آئت هيون ۽ اڄ به اسان کي خبردار ڪري رهيون آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ملاحظو مهراڻ جو، مُورِ مَ لاهه مناءُ،
سامونڊي! سنڀال ڪين، سمهڻ آيئه ساءُ،
جاڳِجي جر متاءُ، تاري وانءُ تراز ڪي.(51)

## حوالا


1. The lynn smith, The sociology of rural life Revised Edition New York and London Harper and Brothers 1947 P.23.

2. الانا، غلام علي، خواجه. ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ڊسمبر 1977ع، ص:2.

3. Maneck B.Pithawalla, A Physical and Economic Geography of Sindh, Sindhi Adabi Board Hyderabad Sindh First impression 1959 second impression 1976 P.286

4. Maneck B.Pithawalla, A Physical and Economic Geography of Sindh, Sindhi Adabi Board Hyderabad Sindh First impression 1959 second impression 1976 P.305

5. Maneck B.Pithawalla, A Physical and Economic Geography of Sindh, Sindhi Adabi Board Hyderabad Sindh First impression 1959 second impression 1976 P.308.

6. قليچ بيگ، مرزا، ’سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڳهو‘، سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع ص: 92.

7. مولائي شيدائي، ’تاريخ تمدن سنڌ‘، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پبليڪيشن، 1959ع، ص: 60.

8. Paul wietzel, CAXTON’S History of the world volume ii, The Triumph of the Greeks, first English edition 1969 printed in France by brodard et Taupin paris for the Hamlyn publishing group ltd London p.9.

9. الانا، غلام علي، خواجه. ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ڊسمبر 1977ع، ص:94.

10. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر ديسي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 406.

11. الانا، غلام علي، خواجه. ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ڊسمبر 1977ع، ص:98.

12. قليچ بيگ، مرزا، ’سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڳهو‘، سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع ص: 93.

13. مولائي شيدائي، ’تاريخ تمدن سنڌ‘، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پبليڪيشن، 1959ع، ص: 34.

14. مولائي شيدائي، ’تاريخ تمدن سنڌ‘، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پبليڪيشن، 1959ع، ص: 61.

15. Nicholas Postgate, David Haw kins, Berry kemp caxton’s History of the world volume i, First English edition 1969, Printed in France by Brodard et Taupin paris p.61.

16. M.H Panhwar, Chronological, Dictionary of Sindh, Institute of Sindhology


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

University of Sindh Jamshoro Sindh Pakistan, First Printed 1983 p.63.

17. H.T Lambric Sindh A General Introduction, Sindhi Adabi Board Hyderabad Sindh Pakistan, First edition 1964 second edition 1975 Printed in Pakistan by Nazeer Printing works Karachi p.101.

18. مولائي شيدائي، ’تاريخ تمدن سنڌ‘ ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پبليڪيشن، 1959ع، ص: 146

19. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاھ جو رسالو‘ ، سر گهاتو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:634.

20. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاھ جو رسالو‘، سر حسيني، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:441.

21. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ’شاھ جو رسالو‘ ، سر حسيني، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2008ع، ص:490.

22. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاھ جو رسالو‘ ، سر گهاتو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 634.

23. قدوسی، اعجاز الحق، ’تاریخ سندھ‘ حصہ دوم، مرکزی اردو بورڈ گلبرگ لاہور، مئی 1974ع، ص: 26.

24. نسياني، سيد طاهر محمد، ’تاريخ بلده تهمتہ المعروف تاريخ طاهري‘ ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان، 1964ع، ص:61.

25. قدوسی، اعجاز الحق، ’تاریخ سندھ‘ حصہ دوم، مرکزی اردو بورڈ گلبرگ لاہور، مئی 1974ع، ص: 68.

26. قدوسی، اعجاز الحق، ’تاریخ سندھ‘ حصہ دوم، مرکزی اردو بورڈ گلبرگ لاہور، مئی 1974ع، ص: 125.

27. قدوسی، اعجاز الحق، ’تاریخ سندھ‘ حصہ دوم، مرکزی اردو بورڈ گلبرگ لاہور، مئی 1974ع، ص: 159.

28. قانع، مير علي شير، ’تحفتہ الڪرام‘ ، سنڌي ادبي بورڊ، 1955ع، ص:183.

29. قدوسی، اعجاز الحق، ’تاریخ سندھ‘ حصہ دوم، مرکزی اردو بورڈ گلبرگ لاہور، مئی 1974ع، ص: 414۔

30. قدوسی، اعجاز الحق، ’تاریخ سندھ‘ حصہ دوم، مرکزی اردو بورڈ گلبرگ لاہور، مئی 1974ع، ص: 421۔

31. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاھ جو رسالو‘ ، سر ديسي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 405.

32. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاھ جو رسالو‘ ، سر ڪوهياري، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 412.

33. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاھ جو رسالو‘ ، سر آسا، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 725.

34. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاھ جو رسالو‘ ، سر سامونڊي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 206.

35. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاھ جو رسالو‘ ، سر سريراڳ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 182.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

36. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر سريراڳ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 182.

37. شيخ، ڀانهون خان، ’شاهه جو رسالو‘، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، مئي 2000ع، ص: 200.

38. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر سامونڊي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص: 196.

39. نسياني، سيد طاهر محمد، ’تاريخ بلده تهمتہ المعروف تاريخ طاهري‘، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان، 1964ع، ص: 25.

40. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر مومل راڻو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:90.

41. الانا، غلام علي، خواجہ، ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ڊسمبر 1977ع، ص:02 .

42. شيخ، ڀانهون خان، ’شاهه جو رسالو‘، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، مئي 2000ع، ص: 109.

43. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ’شاهه جو رسالو‘، سر يمن ڪلياڻ، وائي/8، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2008ع، ص:123.

44. الانا، غلام علي، خواجہ، ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ڊسمبر 1977ع، ص:116.

45. الانا، غلام علي، خواجہ، ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ڊسمبر 1977ع، ص:114.

46. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر مومل راڻو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:524.

47. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر سريراڳ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:176.

48. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر گهاتو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:633.

49. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر سامونڊي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:190.

50. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر ڪارايل، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:853.

51. شاهواڻي، غلام محمد (مولف)، ’شاهه جو رسالو‘، سر ڪارايل، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1993ع، ص:181.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair